SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 1985
# SINDH ACT NO.III OF 1985
# سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڊ (ترميم) ايڪٽ، 1985
# THE SINDH CIVIL SERVANTS WELFARE FUND (AMENDMENT) ACT, 1985

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس VII جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Ordinance VII of 1979

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 1985
# SINDH ACT NO.III OF 1985
# سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڊ (ترميم) ايڪٽ، 1985
# THE SINDH CIVIL SERVANTS WELFARE FUND (AMENDMENT) ACT, 1985

[12 ڊسمبر 1985]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڊ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڊ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڊ (ترميم) ايڪٽ، 1985 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس VII جي دفعہ 8 جي ترميم Amendment of section 8 of Sindh Ordinance VII of

2. سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڊ آرڊيننس، 1979 جي دفعہ 8 کي ان دفعہ جي ذيلي دفعہ (1) طور نمبر ڏنو ويندو ۽ ذيلي دفعہ (1) کي اهڙيءَ ريت نمبر ڏيڻ بعد هيٺين نئين ذيلي دفعہ جو اضافو ڪيو ويندو:

"(2) جتي ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل رقم نامزد ڪيل يا

1979 نامزد ڪيلن کي ادا ڪئي وئي آهي، اهڙو نامزد ڪيل
يا اهڙا نامزد ڪيل رقم فوت ٿي ويل سول سرونٽ جي
سمورن وارثن ۾ لاڳاپيل پرسنل لا موجب ورهائي
ويندي، جيڪو فوتيءَ سان لاڳو هئو.”.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**